# هڪڙي هُئِي ٻانهي

هڪڙي هُئِي ٻانهي
جا نانگَ جي هُئِي ناني
سا ڏيڏرَ جي هُئِي ڏاڏي
سا ڪُتي جي هُئِي ڪاڪي
۽ چيتي جي هُئِي چاچي
سا پونئري جي هُئِي پيڻ
۽ سهي جي هُئِي سيڻ
سا پوپٽَ جي هُئِي ڦُڦي
۽ ماڪوڙيءَ جي ماسي
سا هُئِي سِرَڻَ جي سَسُ
جنهن تي هَلي نہ ڪَنهنجو وَسُ
هِڪَ راڻي هُئِي سِياڻي
جَنهنجي هُئِي هيءَ ٻانهي
اَهڙي هُئِي هيءَ ٻانهي

Traditional Folk

Singer : Vandana Nirankari

Music: Jagdish Lalwani